ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

# 1980ع کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناول

## (تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو)

***Abstract***

**Post-1980 Novel Writing in India**

*After 1980, hundreds of novels are written and Sindhi novel have passed through a number of stages. For some time progressive trends were dominant in Sindhi novel. The novels written by progressive writers did not reflect life in its totality, their form being fixed and familiar and language quite formal. Slowly and gradually, Marxism lost its importance. But after a decade from independence, some young writers rebelled against slogan mongering attitude of the progressive writers. Romanticism started in Sindhi like other Indian languages, Mohan Kalpna, Guno Samtani and Lal Pushp gave a new dimension to Sindhi novel. Mohan Kalpna, Guno Samtani and Lal's writings resolved around the man- woman relationship. Above writers depicted emotional and psychological aspects of human behaviour. Lal Pushp brought 'Stream of consciousness' in his novels. His very famous novel is 'Hun je atam jo maut' (Death of His self). Here Krishin Khatwani is also worth mentioning. He has his own tradition of writing. He is capable of handling a simple love story bringing out the subtle nuances of emotional complications with superb control. Hari Motwani, Hari Himthani and Gobind Khushalani have also penned some novels. Among lady writers Kala Prakash, Tara Mirchandani, Rita Shahani and Ratna Godia also have given some good novels. In Sindhi, 'New novels' or modern novels are also available like other Indian languages.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*The new writers of the post-modern period has depicted changing Indian scene in their novels, Anand Khemani, Motilal Jotwani, Lal Pushp and Param Abhichandani are the pioneers of this new movement.*

**ناول**، ادب جي هڪ اهم صنف آهي. ناول، زندگيءَ جي چِٽَ ۾ ڪارگر هئڻ سبب، دنيا جي لوڪ پسند ادبي صنف جي روپ ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. انساني من جي گهرائيءَ کان وٺي، ڪائنات ۾ مخلوقات جا سمورا ڪارناما، ناول جي دائري ۾ شامل آهن. ناول ۾ انسان جي حقيقي حياتيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. هي ادبي گهاڙيٽو، زندگيءَ جي ننڍي کان ننڍي ۽ معمولي حقيقتن جو اظهار به تمام چٽائي ۽ صفائيءَ سان ڪري ٿو. ناول جو عمل ٻه طرفو آهي: هڪ پاسي ان ۾ ڪردارن جي ٻاهرين دنيا يا سماجي حقيقتن جو اظهار رهي ٿو ته ٻئي طرف ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ انهن جي سوچ وغيره جو چِٽُ به رهي ٿو. هن ادبي صنف مان، سماج جا مڙئي طبقا لطف ماڻين ٿا.

ناول ادب جي هڪ گهرگهلي صنف به آهي، جنهن ۾ بيحد لچڪ آهي. ناول ۾ ڪنهن به قسم جو مواد سولائيءَ سان شامل ڪري سگهجي ٿو. منطق، ڏاهپ، فلسفو مطلب ته سيني سماجي علمن کي ناول ۾ سمائي سگهجي ٿو. ناول ۾ هڪ شخص جي سموري حياتيءَ جي ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي ۽ وري ايئن به سگهي ٿو ته ان ۾ ڪا نوس ڪهاڻي هجي ئي ڪانه. ان ۾ زوردار ليڪچر ٿي سگهن ٿا ۽ مبهم بيان به، جن جو مطلب پڙهندڙن تي ڇڏيو وڃي.

ناول احساس ۽ اظهار تي منحصر آهي. جنهن ليکڪ زندگيءَ جي گهرائيءَ کي ماپيو آهي، جيڪو اکيون کولي هلي ٿو، يعني جنهن جيُ ڦِر نگاهه آهي، تنهن کي حياتيءَ جي قدم قدم تي ناول لاءِ پلاٽ ميسر ملندا آهن. هن جي هنئين مان جيڪو ڪجهه نڪرندو، ناول جي ٽيڪنيڪ تي پورو هوندو، نه هوندو ته نئين ٽيڪنيڪ جو آغاز ٿيندو. اِتي منهنجي ذهن ۾ موهن ڪلپنا جا چيل لفظ تريو ٿا اچن. موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا 'بک، عشق، ادب' جڏهن شايع ٿي ته ادبي حلقن ۾ بحث جو موضوع بڻجي ويئي. ڪنهن چٽر ڪيس، "هيءَ رچنا آتم ڪٿا جي ٽيڪنيڪ موجبَ ڪري ڪانهي." معنيٰ هن آتم ڪٿا ۾ آتم ڪٿا جي بنيادي اصولن جو ڌيان نه رکيو ويو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. اهو ٻڌي موهن ڪلپنا جوش ۾ اچي چيو هو، ”آتم ڪٿا اصولن جي آڌار تي نہ، پر اصول آتم ڪٿا جي آڌار تي طئي ٿيندا آهن.“

ڀارت ۾ 1980ع کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول گهڻي ترقي ڪئي آهي، پر معياري ناولن جي کوٽ جو احساس شدت سان محسوس ٿئي ٿو. جڏهن سنڌي ناول تي نظر وجهجي ٿي تہ لڳندو آهي تہ سنڌي ناول، ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جي نسبت ۾ ڪافي پٺتي آهي. نِت نون تجربن ۽ بيشمار تخليقي قوتن سبب، سنڌي ڪهاڻي تہ ٻين ٻولين جي ڪهاڻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ جي قابل آهي، پر ناول پوئتي رهجي ويو آهي. ناول، انساني حياتيءَ جي وسيع تصوير هئڻ سبب، گهري انڀوءَ ۽ تخليقي مشاهدي جي تقاضا ڪري ٿو. سنڌي اديب؛ من سان چاهيندي بہ، ناول نہ لکي ڪهاڻيون ئي لکندا آهن. عالمي سطح تي مقبول تنقيدي ماڻن جي مدِنظر، سنڌي ناول، اوسر جي بلندين تي رسي ڪين سگهيو آهي. ورهاڱي جي پيڙا، هن دور جي قلمڪارن ڀوڳي آهي. ڀارت جي ٻين ٻولين: اردو، پنجابي، بينگالي ۽ هنديءَ جيان سنڌيءَ ۾ بہ ورهاڱي جي درد ۽ جلاوطنيءَ جي احساس کي ڪٽي گهٽائي ناول تخليق ٿيا آهن، پر انهن مان ڪابہ تخليق ’شاهڪار‘ جو مرتبو ماڻي نہ سگهي آهي. ٻين ٻولين جي ناولن ۾؛ انهيءَ موضوع جا انيڪ ڪلاتمڪ سطح تي عمدا چِٽ ملن ٿا، پر سنڌي ناول اسان کي تحسين جوڳي تسڪين عطا ڪري نہ سگهيو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ، ڀارت ۾، سنڌي ناول نويسيءَ جو جائزو وٺڻ سان، سڀ کان پهرين اسان جو ڌيان گوبند مالهيءَ جا ناول ڇڪائين ٿا. گوبند مالهي ترقي پسند ادب جو هڪ برجستو اديب مڃيو ويو آهي. سماجي موضوع کڻي، انهن ۾ وارداتون ۽ ڪردار گهڙي بامقصد ناول لکڻ ۾ گوبند مالهي گهڻن کان اڳرو رهيو. هن جا ناول عام پڙهندڙن لاءِ دلچسپي رکن ٿا. هن جا گهڻا ناول، روايتي موضوعن تي سپاٽ بيانيءَ ۾ لکيل رواجي ناول آهن. هن جي ڪرداري نگاريءَ ۾ من ڇيد جو عنصر گهٽ آهي. اسان کي اهو ايمانداريءَ سان قبول ڪرڻو پوندو تہ من جي اندرين تهن جي کول سول ڪرڻ ۾ شرت، مالهيءَ کان گهڻو اڳتي آهي. ان ڏس ۾ شرت، دنيا جي مهان ناول نويسن جي صف ۾ اچي ٿو. شرت جهڙي نفسياتي ڪشمڪش واري قلمڪاري، ورلي ئي ڪنهن ناول نويس کي نصيب ٿيندي آهي. 1980ع کان پوءِ گوبند مالهيءَ جا بہ ناول

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شايع ٿيل آهن: 'مسوريءَ جي راڻي' (1983ع) ۽ 'پاپي' (1995ع). مسوريءَ جي راڻي هڪ رواجي واقعاتي ناول آهي. ناول جا ڪردار، ناول نويس جي اشارن تي هلن ٿا. ناول نويس قصا گوئيءَ جي موهه ۾ قاتل نظر اچي ٿو. اڄ جو ناول نويس وارداتن کي محض هڪ ذريعو بڻائي، ڪردارن جي اندرين تهن، گهراين جو ئي ڇيد وڍيڪ ڪري ٿو؛ جو هتي عدم موجود آهي. 'لتا' منوهر، شري شريمتي چاولا ۽ سُندريءَ مان ڪوبہ ڪردار 'ڀري نہ سگهيو آهي. گوبند مالهيءَ جو 'پاپي' بہ رسمي رٽا مطابق لکيل هڪ وچٽرو سماجي ناول آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪئنواس ڪافي پکڙيل آهي، فلئش بيڪ ٽيڪنيڪ جو استعمال ڪيل آهي. ڪهاڻي سنڌ مان شروع ٿي، هند ۾ اچي ختم ٿئي ٿي. ناول جي سورمي شانتي عرف پاپي پوري ناول تي ڇانيل آهي. ناول نويس پارت جي ورهاڱي ڪان پوءِ پنهنجي تهذيبي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ ڳڻتيءَ جو اظهار بہ ڪيو آهي... "سنڌي ٻولي هونءَ بہ سنڌين جي سڃاڻپ آهي، سنڌ وڃائڻ بعد بہ سنڌي ٻولي سلامت رکڻ وڌيڪ ضروري آهي." (1)

ناول نويس، ناول ۾ سنڌي ماحول ۽ سنڌي ڪردار خلقيا آهن. ٻوليءَ جي رواني پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. ناول ۾ دلچسپيءَ جو عنصر، ناول جي پڇاڙيءَ تائين قائم رهي ٿو، پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو تہ هي ناول، سڄاڳ پڙهندڙن کي گهٽ متاثر نہ ڪري.

ادب کي نئون موڙ ڏيندڙ، موهن ڪلپنا جي ناول نويسيءَ جي ناتي ادب ۾ سٺي ساک آهي. موهن ڪلپنا، ڪهاڻيءَ جيان پنهنجي ناولن ۾ بہ سماجي مسئلن بدران فرد جي داخلي ڪيفيتن جو منووگيانڪ حقيقتن جي مدِنظر ڇيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو پنهنجي ناولن ۾ سماج بدران 'فرد' تي وڌيڪ ڌيان ڏيئي ٿو. موهن ڪلپنا بنيادي طور هڪ رومانوي ۽ انفراديت پسند ليکڪ آهي، ان ڪري جديد يا بعد جديد (Post-Modern) ناول نويسن ۾ هن کي شامل نٿو ڪري سگهجي. هن جي ناولن جي گفتگو بيحد ئي دلچسپ آهي، جنهن ۾ شاعراڻيُ ڏام آهي. موهن ڪلپنا جو آخري ناول 'ڪانءُ ۽ سمنڊ' 1981ع ۾ شايع ٿيل آهي. هي موهن ڪلپنا جو هڪ علامتي ناول آهي. ناول جو هيرو سلامت هڪ انقلابي آهي. سرشتي ۾ ڦهليل بد انتظامي سندس آتما کي ڪُترينديي رهي ٿي. سلامت جي ان بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ کي

ناول نويس بيحد فنائتو علامتي اظهار بخشيو آهي. مکيہ ڪردار پاڻ کي جاتڪ ڪتا جو ڪانءُ ٿو محسوس ڪري، جنهن جي معشوقا ڪانويلي سمنڊ جي لهرن ۾ گھلجندي ٿي وڃي. سلامت جو سنڌ لاءِ اٽڪٽ پيار بہ آهي. هو پاڻ کي هندو نہ، سنڌي ٿو چوي. سندس سوچ آهي تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ عورتون آهن، هڪ ساڙهي ۽ ٻي چولو سٿڻ پهري ٿي. جيڪڏهن اهي ٻئي عورتون پنهنجون پنهنجون پوشاڪن جي مٽاسٽا ڪن تہ پتو ئي نہ پوندو تہ ڪيرُ ڪير آهي. ناول جي عبارت نئين آهي، ڪلاتمڪ پهلوُ ليري بيٺو آهي، پر فن تي وڌيڪ زور ۽ فلسفياڻي گفتگوءَ جي گھٽائيءَ ناول جي فن کي چيهو رسايو آهي، تنهن هوندي بہ 'ڪانءُ ۽ سمنڊ' ورهاڱي جي پيڙا ۽ جلاوطنيءَ جي درد جي لحاظ کان هڪ اڻ وسرندڙ داستان آهي.

ڪرشن کٽواڻي سنڌيءَ جو هڪ مانائتو ناول نويس آهي. فڪر جي گهرائي ۽ فنائتي اظهار سبب، هو پڙهندڙن ۾ گھڻو مقبول آهي. هن جا ناول موضوع، فارم ۽ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ڪافي سگھارا آهن. هن جي ناولن جا ڪردار سماج جي مٿين طبقي جا آهن. بينگالي ادب جو اثر، هن جي ناولن تي نمايان ٿي بيٺو آهي. ڪرشن کٽواڻيءَ کي 'ياد هڪ پيار جي' ناول تي سن 1980ع ۾ ساهتيہ اڪادمي ايوارڊ مليو. سن 1980ع کان پوءِ سندس ٻہ ناول شايع ٿيل آهن: 'ست ڏينهن' (1985ع) ۽ 'ترندڙ بادل' (1998ع). ڪرشن کٽواڻيءَ جو 'ترندڙ بادل' پنهنجي موضوع، جلاوطنيءَ جي پيڙا — درد ۽ ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي جاتيءَ جي تهذيبي سڃاڻپ قائم رکڻ جي سبب پڙهندڙن ۽ ادب نوازن ۾ بيحد مقبول بڻيو. رسمي ناول نويسيءَ جي مڙني عنصرن: ڪهاڻي، ڪرداريت، منظرنگاري ۽ مقصديت وغيره پڙهندڙن کي بيحد متاثر ڪيو، پر سندس 'ست ڏينهن' ناول ڏانهن نقادن جو ڌيان تمام گھٽ ويو آهي. هن ناول ۾ شاديءَ جي بندوبست خلاف بغاوت جو سُر آهي. ناول نويس ڪٽنبي بندوبست، رشتن ناتن جي ڪوڪلائپ جي تمام پراڻين مڃتائن کي نظرانداز ڪرڻ چاهي ٿو: ”انسان سماج ان ڪري جوڙيو آهي، جيئن هو سچ جي سج کي لڪائي چنڊ جي ڪوڙي روشنيءَ ۾ جي سگھي.“ (2)

هري همٿاڻي، هري موٽواڻي ۽ گوبند خوشحالاڻيءَ بہ ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ ناولن جي تخليق ڪئي آهي. هري همٿاڻي سنڌيءَ جو جهونو ۽ مانيٽو اديب آهي.

هن جا مکيه ناول آهن: ’رات جو ٻيو پهر‘ (1982ع)، ’گل جلن پيا‘ (1983ع)، ’ماضيءَ جا ڏنگ‘ (1991ع)، ’سميه‘ (2001ع) ۽ ’ٻُلبات‘ (2010ع).

اي. ايم. فارسٽر موجب Novel tells a story يعني ناول لاءِ آکاڻي يا پلاٽ بنهه ضروري آهي. ٻين ناول نويسن سان اها ڳالهه نه لڳي، پر هري همٿاڻيءَ جي ناولن سان، اها ڳالهه سؤ سيڪڙو ٺهڪي اچي ٿي. هري همٿاڻيءَ پنهنجي ناولن جون وارداتون پنهنجي آس پاس جي حياتيءَ مان ئي کڻي ٿو. هري همٿاڻيءَ جو ’ٻيو پهر‘ سنڌ جي پس منظر ۾ لکيل، هڪ رومانوي ناول آهي. هي ناول، ڪنهن شخصي حياتيءَ جي سچي واردات تي منحصر آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي ٻڌل واقعا ذهن تي ايترو ٺڪرجي ويندا آهن؛ جو قلمڪار انهن وارداتن کي تخليق ۾ آڻڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو آهي. ناول نويس جو ناول جي سورمي زهره سان ايترو ته نينهن جُڙي ويو آهي؛ جو ٽيهن سالن کان پوءِ ’رات جو ٻيو پهر‘ ناول کي نئين سر لکي ’ٻُلبات‘ (2010ع) جي عنوان هيٺ ادب جي ميدان تي آندو آهي. پلاٽ به ساڳيو ۽ ڪردار به ساڳيا رکيا اٿائين. هيءَ عينشي ۽ زهره جي پريم ڪهاڻي آهي. عينشي هندو آهي ۽ زهره مسلمان. ٻنهي عاشقن جي وچ ۾ مذهب ديوار بڻجي ٿو. ملڪ جو ورهاڱو، انهن ٻن پيار ڪندڙ دلين کي جدا ٿو ڪري ڇڏي. ورهاڱي جو دل ڪانداريندڙ احوال به آهي. ناول ۾ ڪهاڻي ۽ ڪردار جي اؤسر بلڪل ئي سڀاويڪ آهي. ناول نويس جاءِ به جاءِ ڪردارن جي احساسن، خيالن ۽ رجحانن جو منووگيانڪ ڇيد به ڪندو هلي ٿو. ناول ۾ انتظار جو پهلو پڇاڙيءَ تائين قائم رهي ٿو. ناول جي پڇاڙي بيحد ئي ڪلاتمڪ آهي. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ عينشي گهرٻار سوڌو اجمير ۾ اچي ٽانئيڪو ٿئي ٿو. هڪ ڏينهن اوچتو عينشيءَ جي ملاقات زهره ۽ سندس خاوند الطاف سان ٿئي ٿي. زهره جو پاءُ محبوب ۽ سندس زال سلميٰ به انهن سان آهن. هو اجمير مقدس درگاهه شريف جي زيارت لاءِ آيل آهن. عينشيءَ جي زال ۽ ٻار پوني ويل آهن، هو ڪين پنهنجي ڪشادي ڪوارٽر ۾ اچي رهائي ٿو. ساڳي گهر ۾ رهندي به، هو پنهنجي پيار زهره سان ملي نٿو سگهي. هڪ رات همت ڪري اوندهه ۾، هو گڏجن ٿا، پر اوچتو هڪ شيشي جو گلاس ڪِري ٽڪرا ٿي پوي ٿو. هو گهٻرائجي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ هليا وڃن ٿا. ٻئي ڏينهن عينشي سيني کيُ لِرائي، گهر اچي ٿو. گهر ۾ گِهريو ته سندس پير ان هنڌ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڄمي ويا، جتي زهره پاڪر ۾ اڇي سمائي هئس. ٽيبل جي آس پاس ڪانچ جا ٽڪرا ٽڙيا پکڙيا پيا هئا، جهڙوڪر عينشيءَ جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي هِتي ھُتي پکڙيل هجي. ناول نويس جو اهو علامتي اظهار نهايت دلڪش آهي.

هري موٽواڻي ’ڪونج‘ جي ڪري هند – سنڌ ۾ مشهور ٿيو. ادب پڙهندي پڙهندي، ادب ڇپيندي ڇپيندي، ھُو بہ هڪ اديب بڻجي ويو. هن جا هيٺيان ناول شايع ٿيل آهن: ’ابو‘(1988ع)، ’اجهو‘(1990ع)، ’پاڙيارا پکي‘(1993ع) ۽ ’ڪوڙ سچ‘(2000ع). هريءَ جو ’ابو‘ ناول ورهاڱي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ درد کي ساڻ ڪري هليو آهي. هريءَ هن ناول ۾ لاڙڪاڻي جو سنو چِٽُ چٽيو آهي. مکي نارائڻداس هن ناول جو مکيہ ڪردار آهي. گانڌيجيءَ کي ٻاپو سڏيو ويندو آهي. ٻاپو معنيٰ ابو ۽ ھُمکي. نارائڻداس لاڙڪاڻي جي ’نوان تڪ‘ ايراضيءَ جو ابو سڏيو ويندو آهي، ٻنهي کي ساڳئي ڏينهن موت ڏانهن ڏڪيو ويو هو ۽ ٻنهي جي وحشي نموني موت جو ڪارڻ هو، ڀارت ديش جو ورهاڱو. (3) هري موٽواڻيءَ جي ’اجهو‘ ناول ۾ موهن نالي هڪ خوددار شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو اجهي جي ڳولا ۾ ڀٽڪي رهيو آهي، پر جڏهن سنڌس مالڪ کيس چوي ٿو تہ، مون توکي صرف نوڪري نہ ڏني آهي، پر اجهو بہ ڏنو آهي تہ هو پنهنجو ذهني توازن وڃائي ٿو ويهي. هن ناول تي هري موٽواڻيءَ کي سن 1995ع ۾ ساهتيہ اڪادمي پاران انعام مليو. هريءَ جي ’ڪوڙ سچ‘ ۾ بہ الهاس نگر جي پس منظر ۾ ورهاڱي جو درد سمايل آهي. هري پنهنجي ناولن ۾ فن طرف سجاڳ ڪونهي، هو خيالن جي وهڪري ۾ وهي ٿو. اردو، پنجابي، بنگالي ۽ هنديءَ ۾ لڏپلاڻ ۽ جلاوطنيءَ جا ڪيترائي فنائتا چِٽ ملن ٿا، پر هريءَ جا ناول فن جي بلندين تي رسي ڪين سگهيا آهن، پوءِ بہ هريءَ جا ناول رواجي ۽ عام پڙهندڙن کي ضرور دلچسپ لڳندا.

گوبند خوشحالاڻي سنڌيءَ جو جهونو اديب آهي، پر پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪتنب کي ٿانئيڪو ڪرڻ جي مشغوليءَ ۾، ادب کان سنياس ورتو هئائين، پر پوءِ نوڪريءَ مان رٽائر ٿي، ڪتنب کي ٿانئيڪو ڪري، نالي ۽ شهرت ڪمائڻ جي حرص ۾، ادبي ميدان ۾ بيحد سرگرم ٿي ويو آهي. هن جا ڏسندي ڏسندي، ڪافي ناول پڪن ۽ سهٽن جلدن ۾ ۽ ناميارين شخصيتن جي مهاڳن سان پڌرا ٿيا آهن. ’هرتڙيون مايون‘ (2002ع)، ’هڪ دفعو وري‘(2003ع)، ’گلستان غليظ ٿي رهيو آهي‘(2004ع)، ’پاڻ ۾ پيار ڪهڙو؟‘(2005ع)، ’ملڪ تہ منهنجو‘(2006ع)، ’دل ڪر درخت دستور‘(2007ع)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ ' ٽي الا' (2010ع). هن سنڌيءَ ۾ جاسوسي ناولن سان شروعات ڪئي هئي. گوبند جي مٿين ڄاڻايل ناولن ۾ به جاسوسي عنصر ملن ٿا. گوبند خوشحالاڻيءَ جي ناولن ۾ روايتي ناولن جيان ڪهاڻي به آهي، وارداتون آهن، ڪردار آهن ۽ انتظار جو عنصر به آهي. هن جي ناولن جو ڪئنواس ڪافي وسيع آهي. هن جا ناول رِٿا، پيشڪش ۽ ڪرداريت جي لحاظ کان رواجي ناول آهن. گوبند خوشحالاڻي به هري موٽواڻيءَ جيان ناول جي فن ڏانهن سجاڳ نه رهيو آهي. ناول نويس جو پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي تخليق طرف هڪ خارجي تنقيدي نظريي جو هئڻ، هن جي تخليقي ارتقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

هتي مان هڪ ٻئي سنڌيءَ جي اهم ناول جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، سو آهي سن 1997ع ۾ شايع ٿيل گوورڌن ڀارتيءَ جو 'سُور جون سؤ صورتون'. هيءُ ناول ليکڪ جي 'مدار سئنٽوريم' ۾ سلهه جي علاج لاءِ گذاريل حياتيءَ جو دلچسپ دستاويز آهي. آتم ڪٿائي طرز ۾ لکيل هن ناول کي، سنڌيءَ جي تمام ٿورن عمدن ناولن ۾ ليکي سگهجي ٿو. منهنجو اِهو شخصي رايو آهي ته، جيڪڏهن ڀارتيءَ جو هي ناول سن 1990ع کان اڳ ادبي ڪيتر ۾ اچي ها ته گوورڌن کي 'شيشي جا گهر' تي نه، پر 'سُور جون سؤ صورتون' تي ساهتيه اڪادمي انعام حاصل ٿئي ها!

ناول نويسيءَ جي اوسر ۾ ليکڪائن جون خدمتون به وساري نٿيون سگهجن. مقالي ۾ صرف انهن ليکڪائن کي ذڪر هيٺ آڻيندس، جن جا ناول سن 1980ع کان پوءِ ۽ 2010ع جي وچ ۾ شايع ٿيل آهن: سي آهن: تارا مير چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريتا شهاڻي ۽ رتنا گوديا. تارا جا ان عرصي دوران ٻه ناول شايع ٿيل آهن: 'هٺ يوگي' (1990ع) ۽ 'لهرن جي گونج' (1992ع). 'هٺ يوگي' ناول تي تارا کي سن 1993ع ۾ ساهتيه اڪادمي پاران انعام مليو. 'هٺ يوگي' هڪ منووگيانڪ ناول آهي. وڏنڊڙ من — ڇيد جي مچتائن سبب، اچ ڪلهه ڪردار نگاريءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو وڃي ٿو. اڄ جو قلمڪار ڪردارن جي من اندر جهاتي پائي، انهن جي احساسن، خيالن ۽ رجحانن جو به سوکيم ڇيد ڪندو هلي ٿو. تارا مير چنداڻي به پنهنجن ناولن ۾ من — ڇيد جو سهارو ورتو آهي. 'هٺ يوگي' ناول جو سورمو، مالوءَ نالي نينگرِ کي هڪ خان کان بچائي هن جي پرورش ڪري ٿو. جڏهن نينگرِ جوان ٿئي ٿي ته سورمو من ئي من ۾ هن کي پائڻ ٿو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لڳي، پر سورمي جو هٺ، کيس ايئن ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي. هو نينگر جي مائٽن کي ڳولهي مالو ڪين سونپي ٿو. اِتان ٿي هن جي من ۾ آنڌ مانڌ ۽ ولوڙ شروع ٿئي ٿي.
ناول نويس، سورمي جي انهيءَ ڇڪتاڻ جو فنائتو چٽ چٽيو آهي. 'لهرن جي گونج' ۾ ٻه ناول جي سورمي ڊاڪٽر جي زال ورشا کي من جي مونجهارن کي سلجهائڻ لاءِ ڪائونسلر جي مدد وٺڻي پوي ٿي. ناول جا ٻيا ڪردار: شيرين، سويتا، پرتيپا، گوپي ۽ گنگا — انهن جي ٻه پنهنجي پنهنجي ڏار ڪهاڻي آهي، اهي ٻه ڪنهن نه ڪنهن صدمي هيٺ پنهنجو توازن وڃائي، ڊاڪٽر جي علاج هيٺ اچن ٿيون. ناول جو موضوع مختلف نوعيت جو آهي.

ڪلا پرڪاش ترقي پسند دور جي هڪ اهم ليکڪا آهي. هن پنهنجن ناولن ۾ سماج جي ڪيترن ئي مسئلن کي پيش ڪيو آهي، پر هن جي ناولن ۾ ٿُت ٻٽت جديد ناول جهڙي ڪانهي. ليکڪا بيحد جذباتي آهي، تنهن ڪري سندس ناولن جا گهڻا ڪردار ٻه جذباتيت جو شڪار آهن. سن 1980ع کان پوءِ ڪلا جا هيٺيان ناول شايع ٿيل آهن: 'وقت—وٿيون وڇوٽيون' (1989ع)، 'آرسيءَ آڏو' (1992ع)، 'پيار' (1997ع)، 'پکن جي پريت' (1998ع)، 'سمنڊ ۽ ڪنارو' (2004ع) ۽ 'اوکا پنڌ پيار جا' (2010ع). ليکڪا کي سن 1994ع ۾ 'آرسيءَ آڏو' ناول تي ساهتيه اڪادمي طرفان انعام مليو. 'آرسيءَ آڏو' ڪلا جي ٻين ناولن کان بالڪل مختلف آهي. هن ناول جو سورمو انوپ اگروال، جنسي تعلقات کي تمام سياويڪ نموني ڪري ڪٽي ٿو. هو ڪنهن ٻه عورت سان رضامنديءَ واري جنسي عمل کي گناهه نٿو سمجهي، پر پوءِ آرسيءَ آڏو ويهي، پنهنجي انهيءَ رويي جي ڪارڻ جي تلاش ڪرڻ شروع ڪري ٿو. نئون ۽ منفرد موضوع پڙهندڙن لاءِ ڪشش رکي ٿو.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اؤسر سبب پيدا ٿيل حالتن انساني حياتيءَ ۾ ڪافي تبديليون آنديون آهن. هر تبديلي ٻن قسمن جا اثر ڇڏيندي آهي، هڪڙا ٻاهريان ۽ ٻيا اندريان. ٻاهريان اثر سماجي صورتحال ۾ ڦيرو آڻيندا آهن ۽ اندريان شخص جي ضمير کي جهنجهوڙن ٿا. ريٽا شهاڻي پنهنجن ناولن ۾ پوئينءَ ڳالهه تي وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي. ريٽا شهاڻيءَ جا مکيه ناول آهن: 'ڇُٽي مُئي' (1995ع)، 'گونگيءَ گُنگَ سان گفتگو' (2001ع)، 'ترڪٽا تِرورا' (2004ع) ۽ 'ست سُر ست ڏينهن' (2004ع). 'ست

سُر ست ڏينهن‘ جي ڪهاڻي هڪ اخباري خبر تي ٻڌل آهي. ريٽا پنهنجي صلاحيتن ۽ ڪلپنا جي قوت سان، هڪ اخباري خبر کي ناول جو موضوع بڻايو آهي. هي ناول انگلينڊ جي هڪ عورت (آزيءَ) جي ڪهاڻي آهي. موضوع مختلف هوندي به ناول پراڻي طرز جو آهي، البت ناول جي ڪهاڻي، اظهار جي دلڪش انداز ۽ ڪردارن جي رومانوي داستان گوئيءَ سبب، پڙهندڙن کي پڇاڙيءَ تائين پنهنجي گرفت ۾ سوگهو جهلي رکڻ جي سگهه رکي ٿي. ريٽا جو ’گونگي گگن سان گفتگو‘ ڪردارنگاري، رِٿا ۽ پيشڪش جي لحاظ کان بالڪل ئي ڪمزور ناول آهي. ’ترڪٽا تِرورا‘ هڪ نفسياتي ناول آهي، اها پدما ۽ منوهر جي پريم ڪهاڻي آهي. ناول ۾ جنهن سادگي، صفائي ۽ صداقت سان حالتن، اتفاقن، ماحول ۽ ڪردارن جو جيڪو چِٽُ چٽيو ويو آهي، سو واڪاڻ جوڳو آهي. ڀُڃي مُئي، سنيتا جي حياتيءَ جي لاهين — چاڙهين جي ڪهاڻي آهي.

رتنا گوديا ادبي دنيا ۾ پير برابر دير سان رکيو، پر مختصر عرصي ۾ پنهنجي حياتيءَ جي حادثن، شخصي آزمودن، تجربن ۽ وارداتن جا تفصيل قلمبند ڪري، هيٺيان ناول ميدان ۾ آندا: ’محبت جي منزل‘(1998ع)، ’سوَن ورني ڪنوار‘(2002ع)، ’سچ جو ڪچرو‘ (2004ع) ۽ ’اداسُ غلام‘ (2007ع). رتنا گوديا رولاڪ جا مڙيئي ناول، رسمي ناول آهن. سندس ناولن ۾، ناول جا مڙيئي روايتي عنصر ملن ٿا. هن جي ناولن ۾ دلچسپيءَ جو عنصر، اڳين ناولن جيان پڇاڙيءَ تائين قائم رهي ٿو. ناول جي وڌندڙ تقاضائن تي رتنا جا ناول پلي معيار تي پورا نہ لهن، پر پنهنجي دلڪش انداز سبب، پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿا. رتنا جي ٻولي بہ پڪي پختي ۽ محاوريدار آهي.

منهنجي هن مقالي جو مقصد، ناول نويسن جي ڊگهي فهرست ڏيڻ ناهي. مان اڳتي هلي انهن جديد ناول نويسن کي ذڪر هيٺ آڻيندس، جي سنڌيءَ جون نامور هستيون آهن، جي پنهنجي تخليقي شعور، تجربن ۽ نرالي اظهار سبب، اديبن جي انبوهه مانُ ڀري سامهون آيا آهن. جديد ناول سماجي صورتحال بدران، انسان جي اندرين اونداهين غفائن ڏانهن وڌيڪ نهاري ٿو. اڄ جو ناول نويس جو تاريخ، ڌرم، ڪٽنبي بندوبست، روايتي جيون مُلهن مان عقيدو نڪرندو پيو وڃي. سائنس ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٽيڪنالاجيءَ جي نئين صورتحال انسان کان سندس سڄاڻپ ۽ انفراديت کسي ورتي آهي ۽ ڪيس بيحس مشين جي پرزي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. انساني حياتيءَ جي مفهوم ۽ جوابدارين ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. انساني رشتا ناتا پنهنجي اڳوڻي معنيٰ وڃائي ويٺا آهن. جديد ناول نويس ٻاهرين سرشتن جي سيني بندوبستن کان انڪاري آهي. اڄ جو اديب پنهنجي شخص جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. اڄ جو ناول نويس ٻين کي کهاڻي ٻڌائڻ بدران، پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان آهي. جديد ناول موضوع ۽ ڪردارن جي رومانوي داستان گوئيءَ کان مٿي چڙهي چڪو آهي. جديد ناول ۾ موضوعن جي نواڻ آهي ۽ اهو گهڻو ڪري عشقيه داستانن کان پرهيز ڪري ٿو. اڄ جي حياتيءَ ۾ جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي، اڄ جو قلمڪار انهيءَ حياتيءَ کي ئي پنهنجي ناول جو موضوع بڻائي ٿو. نئين يا جديد ناول ۾ غير سماجي احساس، جنسي عمل جي آزاديءَ ڏانهن لاڙو، ڪٽنب جي بدليل معنيٰ ۾ وضاحت، پرڏيل حياتيءَ جو نئون روپ، نراشا، سنسڪارن جي مخالفت، شهري زندگيءَ ۾ ورجاءُ، بوريت، بي سلامتي، مقبول وشواسن ڏانهن بي يقينيءَ جو احساس، تمام پراڻن قدرن جي بي سودگي وغيره گهڻا ئي عنصر آهن، جن کي اڄ جو اديب ناولن ۾ پيش ڪري ٿو. انهيءَ نئين شعور پٺيان نيوٽن، ڊارون، فرائڊ، مارڪس، نيتشي، ڪيرڪيگارڊ ۽ ٻين ڏاهن جو انفرادي سطح تي عمل هو. ساڳي وقت ادب ۾ اهڙي نئين شعور جا باني هئا: فرانس ۾ فلابيئر ۽ بودليئر، روس ۾ دوستو وسڪي، جرمنيءَ ۾ ڪافڪا، آمريڪا ۾ اِزرا پائونڊ ۽ ٽي. ايس. ايليٽ، انگلينڊ ۾ ڊي. ايچ. لارينس، جيمس جايس ۽ ورجينا وُلف وغيره. جديد دور ۾ سائنس ۽ ڪميونيڪيشن جي تيز رفتاري ملڪن جي سرحدن کي سُسائي ڇڏيو آهي. اڄ دنيا جا سيئي ملڪ هر لحاظ کان هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا آهن، ادب به ان ۾ شامل آهي. اڄ جو انسان انتر راشٽريه صورت ۾ اُڀري رهيو آهي. سنڌيءَ جي جن ٿورن ناول نويسن پنهنجي پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان جديد شعور کي پنهنجي ناولن ۾ آندو آهي، انهن ۾ مکيه نالا آهن: پرم اڀيچنداڻي، لعل پشپ، انند کيماڻي، موتي لعل جوتواڻي ۽ شيام جئسنگهاڻي. شيام جئسنگهاڻيءَ جا ناول سن 1980ع کان اڳ جا لکيل آهن، تنهن ڪري مون انهن کي پنهنجي تبصري هيٺ ڪين آندو آهي.

پرم اڀيچنداڻيءَ سڄاڳ ۽ سنجيده سطح تي ادب جي چڱي خدمت ڪئي



Shah Abdul Latif Bhatai Chair

آهي. سن 1980ع کان پوءِ سندس ٻہ ناول ’ائين بہ‘ (1988ع) ۽ ’ڪايا پلٽ‘ (2000ع) ۾ شايع ٿيا آهن. ’ائين بہ‘ ناول جي ڪهاڻي هڪ روايتي فارمولائي ڪهاڻي آهي، پر ناول نويس ان رسمي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي فنڪاراڻي ڇهاءَ سان هڪ عمدو ناول بڻائي ڇڏيو آهي، پر ’ائين بہ‘ ناول ۾ ڪردارن جي اندرين دنيا ڇٽي، انهن جي خيالن، احساسن ۽ فطرت جو فنائتو اظهار ڪيو آهي. ناول نويس ڪهاڻيءَ سان گڏ، ڪردارن جي سڀاءَ جو بہ ڇيد ڪندو هلي ٿو. امرت، سفرينا، ڊئنتاس ۽ مهيش سميت ڪردارن جي انفراديت ڀري بيٺي آهي.

ناول پڙهندڙن جي جگياسا رَتيءَ کي اجاگر ڪندي، ڪين پنهنجي گرفت ۾ سوگهو جهلي بيهي ٿو. ’ڪاياپلٽ‘ ۾، ناول نويس موجوده صورتحال ۾ ماڊلنگ ايجنسيز جي تصوير ڇٽي آهي، تہ ڪيئن هي نون ماڊلس کان غير واجب ڪم پيون ڪرائين.

موتي لعل جوتواڻيءَ جو ناول ’نارنگي ٽرئفڪ لائيٽ تي‘ (1974ع)، نئين جيون — ٻوڌ سبب، سنڌيءَ جي سجاڳ طبقي ۾ ڪافي پسند ڪيو ويو هو، جنهن ۾ شهري تناءَ، اخلاقي قدرن ۽ سماجي بندوبست ۾ گهٽجندڙ عورت — مرد جي بوريت ڀريل لمحن جو ذڪر آهي. ان کان پوءِ سندس ٻہ ننڍا ناول ’اِهي رشتا ناتا‘ (1982ع) ۽ ’ڪوٽ‘ (1985ع) ظاهر ٿيا. ناول نگار حياتيءَ کي جيئن ڏسي ٿو، اهڙا ئي ’ماڊل‘ پنهنجي ناولن ۾ خلقي ٿو. هو پنهنجي احساس، مشاهدي ۽ ڀوڳيل سچ کي، حقيقي حالتن ۽ ماحول ۾ ڪردارن جي ذريعي منظر ادب تي آڻي ٿو. موتي لعل جوتواڻيءَ جي مٿين ناولن ۾ اها ڳالهہ محسوس ڪري سگهجي ٿي. ’اهي رشتا ناتا‘ ۾ بي. ايل. پاٺڪ ائڊووڪيٽ جا هيٺيان گفتا ويچارڻ جهڙا آهن: ”... جيڪڏهن ڪا ڇوڪري چاهي تہ هوءَ اڪيلي هوندي پڻ پنهنجي رکيا پاڻ ڪري سگهي ٿي، پنهنجي چئني پاسي پهرو وهاري سگهي ٿي. اهڙي ڇوڪريءَ جو ڪير ڪجهہ نہ بگاڙي سگهندو.“ (4) ’ڪوٺ‘ موتي لعل جوتواڻيءَ جي هڪ ڊگهي ڪهاڻي آهي، جنهن کي قلمڪار ننڍو ناول سڏڻ جي ڀُل ڪري ٿو. ليکڪ خود چوي ٿو: ”ڪوٺ ڪهاڻيءَ جي ٻن ڀاڱن جا پروف پڙهي پورا ڪيم؛ جو ان جو ٽيون ڀاڱو پڻ لکڻ وينس. هڪ لنبي ڪهاڻي؛ ننڍو ناول ٿي پيئي.“ (5) ڊگهي ڪهاڻيءَ کي (48 صفحا) ليکڪ موهہ وسِ ننڍو ناول ڪوٺي ويو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. ليکڪ ڄاڻي ٿو تہ ننڍي ڪهاڻي ۽ ناول، ادب جون بہ الڳ الڳ صنفون آهن، انهن ۾ فقط ننڍائي ۽ وڏائيءَ جو فرق ڪونهي. ناول ۾ حياتيءَ جي انيڪ ڪنڊن کي اظهار ملي ٿو، پر ڪهاڻي انساني حياتيءَ جي هڪ مختصر، پر دلچسپ حصي کي، هڪ انيجڪ حالت کي، ڀوڳيل زندگيءَ جي ڪنهن حصي کي يا هڪ اهڙي گهڙيءَ کي؛ جا وارداتن ۽ احساسن جو مرڪز هوندي آهي، پنهنجو موضوع بڻائي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ موضوع جي وضاحت بدران، تڪائي ۽ محويت وڌيڪ رهي ٿي. هن ڏگهي ڪهاڻيءَ ۾ ايئن ئي آهي. هيءَ ڏگهي ڪهاڻي رچناڪار جي حياتيءَ جي وارداتن تي ٻڌل آهي، پر آتم جيوني عبارت ۾ لکيل ڪانهي. هيءَ ڪهاڻي جنسي عمل جي آزاديءَ جي موضوع کي ساڻ ڪري هلي ٿي. اهو يورپ جو ڪلچر آهي، پر ڀارتي سماج جو ڪلچر ٻيو آهي، ٻنهي جي حالتن ۽ آڌارن ۾ فرق آهي، ڀارتي عورت ڪڏهن بہ ليڊا جهڙو Life Style پسند نہ ڪندي.

هر ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اديب اوس هوندا آهن، جن جو پڙاڏو ادبي اُفق تي پيو گونجندو آهي. لعل پشپ سنڌيءَ جي اهڙن اديبن مان هڪ آهي. لعل پشپ ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل نئين پيڙهيءَ جو هڪ برجستو ساهتڪار آهي. لعل پشپ کي سن 1974ع ۾ 'هن جي آتم جو موت' ناول تي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي ايوارڊ حاصل آهي. لعل پشپ جا 1980ع کان پوءِ هيٺيان ناول شايع ٿيا آهن: 'اها ديوار آسمان تائين' (1981ع)، 'ڪجهہ نہ ٿيڻ جو حادثو' (1982ع)، 'هڪ ويشيا ليکڪا' (2004ع) ۽ 'آتم جيوني — ناول — تواريخ' جي عنوان تحت سن 2002ع ۽ 2004ع جي وچ ۾ ظاهر ٿيل پنج جلد. لعل پشپ 'اها ديوار آسمان تائين' ناول ۾ پنهنجي اڳين ناول 'هڪ سرد ديوار' جي پلاٽ کي وڌايو آهي. ڪردار بہ ساڳيا آهن، موضوع بہ ساڳيو آهي. هن ناول ۾ تارا جو ڪردار وڌيڪ جوڪائتو بڻجي ويو آهي ۽ پرش ڪردار وڌيڪ عملي. هو پنهنجي گرهستيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ اِتي ئي ناول ڪجهہ ڪجهہ ٽٽڻ کان رهجي ويو آهي. لعل پشپ جو 'ڪجهہ نہ ٿيڻ جو حادثو' هڪ دماغي مريض ۽ بگڙيل عورتباز جي موضوع کي ساڻ ڪري هلي ٿو، جنهن جو ڪوئي نالو ڪونهي. هو سنتيهن ورهين جو ٿي چڪو آهي، هن جا وار اڇا ٿيڻ لڳا آهن. هن جي ڏاڙهي ۽ مُڇن ۾ بہ اڇا وار ظاهر ٿيڻ لڳا آهن (6)، پوءِ بہ هن کي عورت جي عضون کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ڪنهن شريف ڪنواري ڇوڪريءَ کي ڪوڙا دلاسا ڏيئي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڦاسائڻ ڪي هو مهان ڪلا ٿو سمجهي. (7) ’هو هن جي زندگيءَ جو هڪ الميو آهي؛ جو هن جي حياتيءَ ۾ يا تہ هن کان وڏي عمر واريون عورتون ٿيون اچن يا تمام ننڍيءَ عمر واريون ڇوڪريون. هو عورت جو جسم تہ چاهي ٿو، پر هو ان سان سماجي بندوبست موجب رشتو جوڙڻ لاءِ تيار ناهي. هو پنهنجي مقصد ۾ بلڪل چٽو آهي. هو زمين هٿ ڪرڻ چاهي ٿو، پر صرف ان ڪيُ لُٽڻ لاءِ، لي وسڻ لاءِ نہ. هن جو آخري شڪار ويهن سالن جي ڇوڪري ’بينو‘ آهي. ’هو، هن کي ماٽي، ڦٽو ڪرڻ ٿو چاهي. هن ناول ۾ ’اي‘ جي بينوءَ کي حاصل ڪرڻ جي اسٽرئٽجي آهي. ناول ۾ ڪهاڻي نہ هئڻ جي برابر آهي. ناول نويس هڪ ننڍي واردات کي، جيڪا ڪهاڻيءَ ۾ سولائيءَ سان سمائي سگهجي ها، ناول جي صورت عطا ڪئي آهي. جديد ناول نويس، حياتيءَ جي حقيقتن کي ساڻ ڪري هلي ٿو، پر هتيُ اهي بہ ڪونهن. هن ناول ۾ ’اي‘ جي جيڪا حياتي ڊيڪاريل آهيُ، اها حقيقي گهٽ، خيالي وڌيڪ آهي. ناول ۾ جنسيپڻي جو کليل اظهار آهي، جيڪو تهذيب جون حدون اورانگهي، فاحشپڻي جي حدن کي ڇهڻ لڳو آهي. عورت جي جنسي عضون جو بيان سڌو آيل آهي. ناول نويس اِتي اِشاريت کان ڪم وٺي سگهيو ٿي. رسمي ناول کان پري هٽي، پنهنجي انفراديت ۽ الڳ هستي جتائڻ ۽ نئون ڪجهہ لکڻ جي موهہ ۾ ناول نويس سڀني روايتن کي ٽوڙڻ چاهيو آهي ۽ پنهنجي بچاءَ جو رستو بہ ڳولهي ڪڍيو اٿائين. هو لکي ٿو:

”ست سالن جي عمر ۾ بہ آندري جيد (Andre Gide) ’ڪلا ۾ اخلاق ڳولهيندڙن‘ ڪيُ لهن ويشائن سان پيٽ ڪري ٿو، جيڪي پاڻ کي ارپڻ ڪرڻ کان اڳ گراهڪن کان طئہ ٿيل پئسن کان الڳ ٽورن وڌيڪ پئسن جي طلب ڪنديون آهن.“ (8)

’آتم جيوني – ناول – تواريخ‘ جي عنوان تحت لعل پشپ جا پنج جلد ظاهر ٿي چڪا آهن. ليکڪ ڪتاب جي هر هڪ جلد کي الڳ الڳ عنوان ڏنو آهي. لعل پشپ پنهنجي پهرين جلد ’هن ناول ۾ پهريان ليئا‘ ۾ لکي ٿو: ”هيءُ ناول يا آتم جيوني، يا ٻنهي جو جوڙ جيڪي بہ آهي، مان نالو نٿو ڏيان يا اجان بہ، ٻنهي مان هڪ بہ نہ هجي.“(9) ناول، آتم ڪٿا، تواريخ، يادگيريون، ڊائري وغيره جيتوڻيڪ ادب جون پن پن صنفون آهن، پر جديد دور ۾ اهي نثري صنفون، هڪٻئي جي دائري ۾ حد دخليون ڪنديون نظر اچن ٿيون. ٻولين جي عالمگير اثر ۽ گڏيل ذائقي رسمي روين ۾ تبديلي آڻي ڇڏي

آهي. ادب ۾ گهڻا قلمڪار، پراڻي گس کان بلڪل بي نياز ٿي، پنهنجو نئون دڳ، نئين راهه وٺڻ جو جوکم نہ کڻندا آهن، پر ڪي ٿورا پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ سِگهي، پنهنجا نوان گس، نيون راهون ڳولهيءُ لهن تي گامزن ٿي، پنهنجا نشان ڪندا آهن ۽ پنهنجو انفرادي ادبي رويو، رنگ ڍنگ ۽ پنهنجي ذاتي سڃاڻپ سان ظاهر ٿيندا آهن. اهو ادبي عمل پاڻ کي ٻين کان منفرد بنائڻ جو شوق نہ، پر ادب جي گهري شناس ۽ وسيع اڀياس مان، هڪ پڪي پختي ادبي شعور جو اجاڳر ٿيڻ آهي. اهو شعور، سندس جذبات ۾ شدت پيري، ان کي نئين فڪر ۽ سوچ سان، ڪجهہ نئين نرالي انداز سان، نئون ڏيڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙو تخليقڪار، سُخن جي هر صنف ۾ پراڻن ادبي پيچرن تي نٿو هلي. هُو انهن کي رد ڪري، پنهنجي شعور، وسيع عالمگير اڀياس ۽ گهري ويچار سان، پنهنجي تخليقي قوت سان ڪجهہ اهڙو تخليق ڪري ٿو، جنهن مان ڪي نوان ادبي اصولُ ڦرن ٿا ۽ نوان ادبي پيچرا ٺهن ٿا. لعل پشپ جون مٿيون رچنائون، اهڙي ئي قسم جا ادبي ڪارناما آهن. ليکڪ جو زبان تي دسترس غضب جو آهي، سندس نثر نئين سرهاڻ وارو آهي.

ﹷ لند ڪيماڻي سنڌيءَ جو جهونو، ذهين ۽ تڪراري اديب آهي. 20 صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ﹷ لند ڪيماڻيءَ جو استري — پرش جي جسماني تعلقات تي، ٽن ڀاڱن ۾ هڪ طويل ناول شايع ٿيل آهي: 'انتر ياترا' (2002ع)، 'رشتن جو ڏنڌ' (2003ع) ۽ 'اڻ لتاڙيل پيچرا' (2003ع). ناول نويس اِن کي ٽرلاجي ڪري ڪوٺيو آهي. ناول جو مول عنصر ڪهاڻي آهي، پر هتي ناول جي ٽنهي ڀاڱن ۾ ڪهاڻي، نہ جي برابر آهي. نالي ماتر ڪهاڻي ڪجهہ هن طرح آهي: "ٽالسٽاءِ جي نگاهہ ۾ شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي ڪائي اهميت ڪانہ آهي."(10) ڊائلاگ ٻڌي، امو يعني اميتاڀُ ان اجنبي شخص طرف هڪ غيبي ڇڪ محسوس ڪري ٿي، جيڪو پوءِ غيرمعمولي پيار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. اموءَ جو پا يعني پرتيپا سان گهرو لڳاءُ آهي، جيڪڏهن انهن مان هڪ پُرش هجي ها تہ هو شادي پاڻ ۾ ئي رچائين ها! ان جي ناممڪنيت ۾ سندس سنڪلپ آهي تہ هُو ٻئي هميشہ گڏ رهنديون ۽ شادي نہ ڪنديون، پر جي ڪين شادي ڪرڻي پيئي تہ هو هڪ ئي شخص سان شادي ڪنديون. ناول نويس لکي ٿو: "ايئن سندن زندگيءَ ۾ طويل ٻحران پيدا ٿي ٿو وڃي، جنهن جي زد ۾ ناول جا ٽيئي مکيہ ڪردار ٻہ عورتون ۽ هڪ پُرش، پنهنجي پنهنجي سطح تي ولوڙجي ٿا وڃن ۽ سندن ساريرڪ، مانسڪ ۽

سماجي ڏراتل ڪسڪي ٿا وڃن.“ (11) اخلاقي قدرن جي پائمالي سبب جنسي ناتن ۾ هڪ قسم جي آزادي اچي ويئي آهي. ٽڪنڊي واري پراڻي فارمولا جي جڳهه تي هڪ ڪان وڌيڪ استرين يا پرشن واري پريم والاري آهي. اڄ جو نئون بدلجندڙ ذهين ۽ حساس شخص؛ ورثي ۾ مليل جيون مُلهن ۽ آدرشن کان بي نياز هئڻ سبب، پريشان ۽ بيقرار آهي. اها بيقراري ۽ پريشاني، هن ناول جي ٽنهي اهم ڪردارن: چت، امو ۽ يا ۾ جاءِ بہ جاءِ وکريل آهي. لند ڪيماڻيءَ هن ناول ۾ سيڪس جي آزاديءَ واري موضوع کي پنهنجي سوچ جي گهيري هيٺ آندو آهي ۽ انساني رشتن کي هڪ نئين معنيٰ ڏيڻ چاهي آهي. هڪ اديب جي سماج ڏانهن پلي ڪمٽمينٽ نہ هجي، پر ناول ۾ ڪٿي آهي سماج جو اولڙو؟ هتي تہ صرف ٽن ڪردارن جو فحاش عشق آهي. اهڙا ناول سجاڳ ادب نوازن ۽ ذهين پڙهندڙن کي چِڙ ٿا ڏيارين. يورپ جي سماج ۾ اهڙي ڪلچر هئڻ سبب، اتي اهڙي ئي قسم جي ادب جي تخليق ٿئي ٿي، ايتري قدر جوُ لي باقاعده Topless girls جا ڪلب آهن، پر پارتيہ سماج، اهڙو ڪلچر قبول نٿو ڪري سگهي. هن ناول ۾ جنسي عمل جو کليل اظهار آهي. مان هتي اگهاڙپ جي مثالن کان پرهيز ڪريان ٿو، اها تخليقي زبان ڪانهي، اگهاڙي زبان آهي، جنهن جو اندازِ بيان بہ پارتي سماج قبول نہ ڪندو. هي سڄو ناول، ڄڻ جيُ لِ شيشيءَ جيان آهي، جنهن تي چتاءُ ڏنل هجي تہ هن کي ٻار جي پهچ کان پري رکيو وڃي. اگهاڙي زبان نئين تخليق جي نشاني ناهي. هتي ليکڪ پنهنجي سهوليت خاطر، اها ٻولي ڪتب آندي آهي، جيڪا بزار ۾ وڏي واڪي ڳالهائي بہ نٿي سگهجي. عبارت جي پڪي پختي انداز ۽ چست گفتگوءَ جي باوجود، هن ناول نہ صرف مون کي متاثر نہ ڪيو آهي، پر سنڌي ادب جي شعوري اديبن ۽ نقادن کي بہ لند ڪيماڻيءَ جي هن ناول لاءِ ذري گهٽ ساڳي شڪايت آهي.

ادب ۾ جڏهن جڏهن نوان تجربا ٿيندا آهن، تہ پڙهندڙن جون اکيون چرخ ٿي ويندیون آهن. جڏهن بہ مُروج رجحانن ابتڙ ڪا نئين ڳالهہ ٿئي ٿي، تہ ان جي مخالفت ٿئي ٿي. ڪوبہ نئون تجربو، سولائيءَ سان ماڻهن جي نِڙين مان هيٺ نٿو لهي. جدتڪار کي ڪيترائي دفعا ملامت کي منهن ڏيڻو پيو آهي. اهو ضروري بہ ناهي تہ هر تجربو، اڳتي هلي مقبوليت ماڻي. نون تجربن ۾ ڪي فقط فئشن ۽ نقل جي پيداوار هوندا آهن. هر تجربي پٺيان ڪانہ ڪا لازميت ضروري آهي، بنا لازميت جي ڪنهن بہ شيءِ جو وجود ممڪن ئي ڪونهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان تجربي پٺيان سمايل ذهني

شعور کي پروڙيون، جي اسان ان ذهني شعور جي شناس ڪري سگهياسين تہ پوءِ ان تجربي جي واجبيت ۽ غيرواجبيت جو اندازو لڳائي سگهنداسين. ضرورت نالن ۽ نعرن جي ڪانهي، ضرورت فقط ان ڳالھ جي آهي تہ پڙهندڙن اڳيانءُ اهي شيون ميسر ڪيون وڃنءُ اهي تخليقون پيش ٿين؛ جو پڙهندڙن کي ائين محسوس ٿئي تہ ڄڻ اهي رچنائون سندن ئي تخليق ٿيل آهن. اهو اعتماد ئي پڙهندڙن کي رسمي رچنائن کان پري ڪري، نين تخليقن جي ويجهو آڻيندو. رچنا هوندئن بہ شخصي آزمودي کي، انساني آزمودن تائين پهچائڻ جو هڪ ذريعو آهي. هڪ ڪلاڪار ان عمل ۾ جيترو وڌيڪ ڪامياب وڃي ٿو، اوترو وڏو ڪلاڪار ليکجي ٿو. اڄ جا ڪي ناول نويس مغربي اديبن کان ايترو تہ متاثر آهن؛ جوءُ لهن جو پنهنجن احساسن مان وشواس ئي نڪرندو پيو وڃي. نئون ناول بيشمار پرچار ۽ ھُل هنگامن جي باوجود؛ پڙهندڙن جي نڙيءَ ۾ هيٺ لهي نہ سگهيو آهي. اهو منهنجو شخصي عقيدو آهي تہ ناول ايندڙ ڪجھ سالن ۾ پٺيان موٽي ويندو. پڙهندڙ ان ۾ وري ڪهاڻي ۽ ڪرداريت تلاش شروع ڪندا. ٻولي هجي يا ڪلا جا ٻيا عنصر، اديب سڀني کيترن ۾ نوان نوان تجربا ڪرڻ لاءِ آزاد آهي، مٿس فقط هڪ ئي جوابداري آهي تہ ادب جو حياتيءَ سان واسطو نہ ٽٽي. تهذيب جي ارتقا سان، انساني شعور مونجهارن جو شڪار ٿيندو پيو وڃي، مونجهارا وڌندا پيا وڃن، نتيجا ڏنڌلا پوندا ٿا وڃن، اهڙي صورتحال ۾ ڪيتري نہ خارجي نظريي جي ضرورت آهي، اِها ڳالھ سمجهڻ ڏکي ڳالھ ڪانهي.

## حوالا


1. مالهي، گوبند، 'پاپي'، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر، جولاءِ 1995ع.
2. ڪٽواڻي، ڪرشن، 'ست ڏينهن'، 1985ع.
3. موٽواڻي، هري، 'ابو'، ڪونج ۽ ديپشڪا پبليڪيشن، ممبئي، جولاءِ — آگسٽ 1988ع.
4. جوتواڻي، موتي لعل، 'اِهي رشتا ناتا'، سمپرڪ پرڪاشن، لجپت نگر نيو دهلي، 1982ع.
5. جوتواڻي، موتي لعل، 'ڪوٽ'، سمپرڪ پرڪاشن، نئين دهلي، 1985ع.
6. پشپ، لعل، 'ڪجھ نہ ٿيڻ جو حادثو'، لعل پشپ ساهت مالها، بمبئي، آڪٽوبر 1982ع.
7. ساڳيو.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

8. پشپ، لعل، ’کهاڻي نويس جو نوٽبوڪ‘، لعل پشپ ساهت مالها، بمبئي، مئي 1986ع.

9. ساڳيو.

10. ڪيماڻي، انند، ’انتر ياترا‘ ، راهل ايند سونل پبليڪيشن، نئي دهلي، نومبر 2002ع، ص: 7.

11. ڪيماڻي، انند، ’انتر ياترا‘، راهل ائند سونل پبلڪيشن، نئي دهلي، نومبر 2002ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair